SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2001

سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance V of 1972

4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Ordinance V of 1972

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 33 جي ترميم
Amendment of section 33 of Sindh Ordinance V of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2001

سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[20 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

”بشرطيڪ وڏيڪ تہ حڪومت هڪ زمين جي سطح هيٺ پائيپ لائين وڇائڻ لاءِ بااختيار ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ڏماڪي ڪانسواءِ تعميراتي طريقا استعمال ڪيا وڃن، جيڪي مستقل بنيادن تي جهنگلي جيوت يا ماحول کي متاثر نہ ڪن، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جنهن ۾ ترقي، تحفظ ۽ جهنگلي جيوت جي علائقي کي محفوظ بڻائڻ، اچي وڃن ٿا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.“

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (4) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Sindh Ordinance V of 1972

”بشرطيڪ وڏيڪ تہ حڪومت زمين جي سطح هيٺ پائيپ لائين وڇائڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿي، جيڪڏهن ڏماڪو ڪرڻ ڪانسواءِ تعيمراتي طريقا استعمال ڪيا وڃن، جيڪي مستقل بنيادن تي جهنگلي جيوت يا ماحول کي متاثر نہ ڪن، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جنهن ۾ ترقي، تحفظ ۽ نيشنل پارڪ جو تحفظ اچي وڃن ٿا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.“

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 17 ۾، لفظن ”هڪ هزار“ ۽ ”پنج سئو“ لاءِ لفظن ”ڏهہ هزار“ ۽ ”پنج هزار“ کي متبادل

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ

بڻايو ويندو.

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 33 ۾ لفظن "هڪ هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظن "پنجدرهہ هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي

17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Ordinance V of 1972

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 33 جي ترميم

Amendment of section 33 of Sindh Ordinance V of 1972